# سنڌ ايڪٽ نمبر I مجريه 1975

# SINDH ACT NO.I OF 1975

# سنڌ لوڪل گورنمينٽ (ترميم) ايڪٽ، 1975

# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (AMENDMENT) ACT, 1975

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. سنڌ آرڊيننس II مجريه 1972 جي دفعه 4 جي ترميم

Amendment of section 4 of Sindh Ordinance II of 1972

3. سنڌ آرڊيننس XVIII مجريه 1974 جي منسوخي

Repeal of Sindh Ordinance XVIII of 1974

# سنڌ ايڪٽ نمبر I مجريه 1975

# SINDH ACT NO. I OF 1975

# سنڌ لوڪل گورنمينٽ (ترميم) ايڪٽ، 1975

# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (AMENDMENT) ACT, 1975

[22 مارچ 1975]

سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس 1972 ۾ وڌيڪ ترميم جو ايڪٽ

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس 1972 ۾ هيٺين ريت وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي.

جيڪو هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:-

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement

1.(1) هي ايڪٽ سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ (ترميم) ايڪٽ، 1975 سڏيو ويندو.

(2) اهو هڪدم نافذ ڪيو ويندو.

سنڌ آرڊيننس II مجريه 1972 جي دفعه 4 جي ترميم
Amendment of section 4 of Sindh

2. سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ 1972 ۾ دفعه 4 جي ذيلي دفعه (2) ۾ شق (b) لاءِ هيٺين تبديلي ڪئي ويندي:-

"(b) لوڪل ڪائونسلن ۽ ميونسپل ڪاميٽين جا عملدار ۽ ايڊمنسٽريٽر، ان وقت تائين اهي خدمتون سرانجام ڏيندا رهندا، جيستائين صحيح معنيٰ ۾ جوڙيل ڪائونسلون هن حڪم نامي

| | |
|---|---|
| تحت پنهنجو ڪم شروع ڪنديون، بشرطيڪ حڪومت ڪنهن کي بہ لڳل ڪائونسل يا ميونسپل ڪاميٽي جو آفير يا منتظم مقرر ڪري سگهي ٿي، صورتحال جيئن بہ هجي. | Ordinance II of 1972 |
| 3.سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ (ٻي ترميم) آرڊيننس، 1974 منسوخ ڪيو وڃي ٿو. | سنڌ آرڊيننس XVIII مجريہ 1974 جي منسوخي<br>Repeal of Sindh Ordinance XVIII of 1974 |

**نوٽ:۔ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**